# شاهه جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب جي هڪ ٻئي ڏانهن طلب جدا جدا نمونن ۾ ڏيکاري ويئي آهي. ڪٿي عورت طالب آهي ته ڪٿي مرد طالب آهي، ڪٿي مرد عورت کي ڳولي هٿ ثو ڪري، ڪٿي عورت مرد کي ڳولي هٿ ثي ڪري. اهڙي طرح شاهه جي ڪردارن ۾ ڪٿي عورت طالبو آهي ڪٿي مرد طالبو آهي. انهن جا مثال هي آهن ته، عمر مارئي ۾ مارئي پنهنجي مطلوب کي هٿ ڪرڻ لاءِ جدوجهد نٿي ڪري، نه مارئي جو مڱيندو پنهنجي طالب جي ڪا خطا محسوس ڪري ٿو پر هن کي پنهنجي طالب جي ماڳ موٽي اچڻ لاءِ ڳڻتي ضرور ٿي ٿئي ۽ هن کي پنهنجي طالب جي ڪردار تي يقين آهي. هن ۾ نڪي طالب مطلوب کي ڳولي لڌو آهي ۽ نه مطلوب طالب وٽ هلي آيو آهي پر انهن جو تعلق ازلي آهي ۽ تعلق روحن جي پيدا ٿيڻ وقت ٿيو هو جنهن بابت شاهه چوي ٿو:-

نڪا ڪُنَ فَيَڪُونَ هئي، نڪو لَڳُ لَحمُ،
ٻنهي هو نه ٻُتَ ۾، اچا ڪِيَن آدَمُ،
مون توهين سين سَڱُ، اُها ساڃاءِ سُپرين!

(سرمارئي داستان پهريون، بيت ٦)

انهي تعلق کي قائم رکندي انهي واعدي جي پورائي لاءِ هن عمر (نفس) جي ڪابه لالچ قبول نه ڪئي، ۽ پنهنجي واعدي تي قائم رهي ۽ آخر ۾ ڪامياب ٿي ۽ پنهنجي مطلوب سان اچي ملي پر تڏهن به کيس پنهنجي پاڪائي جو ثبوت ڏيڻو پيو. هن ۾ طالب کان ڪابه خطا نٿي ٿئي ۽ طالب جهڙو پاڪ اچي ٿو اهڙوئي پاڪ واپس ٿئي ٿو.

سسئي پنهون ۾ طالب ۽ مطلوب جي ملاقات ٿئي ٿي ۽ واعدو ٿئي ٿو. هن ۾ طالب مطلوب جي سڪ ۾ نٿو اچي پر اتفاقي ملاقات ٿئي ٿي ۽ مطلوب وٽ سونهن، عطر، عنبير، ڪٿور ۽ ٻيون خوشبو واريون شيون ڏسي سندس انهي خوبصورتي تي طلب وڌي ٿي، طالب ۽ مطلوب ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو ڪن ٿا. پر پوءِ طالب کان

خطا ٿئي ٿي جو هو ننڊ ۾ سمهي ٿو ۽ مطلوب کي سندس پاءُ ڪٽي وڃن ٿا. هتي طالب جو ننڊ ۾ سمهڻ (غفلت ڪرڻ) ۽ پنهنجي ڏيرن تي اعتبار ڪرڻ (دنيوي حالتن جي پرواه نه ڪرڻ) خطا ٿئي ٿي، پر هن ۾ مطلوب طالب کان خفا نه آهي نڪي هن کي طالب کان رنج رسي ٿو نڪي مطلوب طالب کان رسي وڃي ٿو ۽ نڪي طالب جي خطا (سسئي جي ننڊ) جي ڪري مطلوب ڪاوڙجي ٿو پر تنهن هوندي به ڏير (دنيوي قوتون) هنن کي جدا ڪن ٿا. ۽ اها خطا سسئي (طالب) کي محسوس ٿئي ٿي پر پنهونءَ (مطلوب) کي محسوس نٿي ٿي. هتي سالڪ لاءِ ننڊ وڏي خطا ظاهر ڪئي ويئي آهي. هتي جيئن ته طالب ۽ مطلوب ۾ ڪابه ڪوتاهي نه آهي تنهن ڪري ٻنهي طرفن طلب هڪجهڙي آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جا طالب بنجي هڪ ٻئي کي ڏوري اچي لهن ٿا. هتي ٻنهي طرفن ميلاپ جي سڪ موجود آهي هتي خطا بلڪل اڻجاڻائي ۾ ٿيل آهي.

مون تي مون پرين، پورائي ۾ پال ڪيا.

ليلا چنيسر ۾ طالب ۽ مطلوب ٻئي ازل کان گڏ آهن ۽ طالب دنيا جي خوبصورتي ۾ ڦاسي ٿو ۽ خطاياب ٿئي ٿو ، جنهن ڪري مطلوب کيس جدائي ۽ وڇوڙو ڏئي ٿو ۽ اها جدائي تيسين تائين هن کي ملندي رهي ٿي جيسين هن کي فنايت حاصل ته ٿي آهي ۽ فنا ٿيڻ کان پوءِ مطلوب خود اچي طالب سان ملي ٿو.

سر سهڻي ميهار ۾ طالب مطلوب سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن خطري کان نٿو ڊڄي. دريا جي دهشت لهرن، جر جي جانورن جي ڪابه پرواه نه آهي ۽ درياه جي تکي سير مان دلي جي سهاري تريو وڃي. اتي سالڪ يا طالب جي دليري همت ۽ محبت جي انتها آهي ايسين تائين جو مطلوب وٽ ويندي گهڙي جي ڪچي هئڻ جي باوجود پرواه نٿي ڪري دريا جي تکي وهڪري ۾ گهڙي ٿي پوي ۽ وقت ۽ ويلو نٿي وڃائي، پيرو نٿي پڇي ۽ ”جيڪي گهريا سي چڙهيا ائين اڻٿي“ جي اصول تي ڪاربند رهي ٿي ۽ جڏهن هن کي درياه جي وهڪري جي تک پوڙي ٿي ، ۽ جڏهن فنايت تي پهچي ٿي تڏهن هن جي ملاقات مطلوب سان ٿئي ٿي . اهڙي حالت ۾ سهڻي سچي سهڻي هئي . هن ۾ ڪابه ڪوجهائي نه هئي، ته پوءِ مطلوب ڪيئن ته اهڙي طالب جو گهڻرجائو هجي.

گهڙو ڀڳو منڌ مٿي، وسهلا ويا،
تنهان پوءِ سمّا، سهڻي سڌ ميهار.

مٿي ڏيکاريل سيني سرن ۾ طالب مطلوب جي ڳولا ۾ يعني عورت مرد جي طلب ۾ نڪري ٿي ٻين لفظن ۾ عورت مرد جي ڳولا ۾ رهي آهي پر ٻين سرن ۾ الٽي طلب جو اظهار ڪيل آهي. جيئن مومل راڻي ۾ راڻو مومل کي هٿ ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ سر ڪاموڏ ۾ وري ڄام تماچي نوري جي طلب ۾ اچي ٿو. اهڙي طرح ٻنهي ۾ مطلوب جي طالب جي لاءِ جيڪا طلب ڏيکاريل آهي اها جدا جدا نمونن ۾ پيش ڪئي ويئي آهي. مومل راڻي ۾ راڻو مومل جو طالبو آهي يعني راڻو طالب آهي ۽ مومل مطلوب آهي ۽ جڏهن طالب جي طلب پوري ٿئي ٿي ۽ مومل جي سونهن تي عاشق ٿي هن کي هٿ ڪري ٿو ۽ هن وٽ هر رات جو پيرو ڪندو رهي ٿو ۽ پيرو ننڍو پڇي ڇو ته هن مومل کي موچاري سمجهو هو. پر جڏهن مومل کان خطا ٿئي ٿي ۽ راڻو هن کي ڪنهن ٻئي سان ستل ڏسي ٿو ۽ هن کي غيرت اچي ٿي جيئن شاه چوي ٿو ته:

راڇا ريساڻو گهٽون، سڻائو سردار،

---

تو جو ڀانيو ڀاهجو، سو ريساڻو راڄاڻ،

۽ مومل کان رسي وڃي ٿو تڏهن مومل طالب ٿيو وڃي ۽ راڻو مطلوب ٿيو وڃي ۽ مومل جي خطا ڪري هيءَ مطلوب مان طالب ٿيو وڃي ٿي. هتي طلب الٽي ٿيو وڃي، وري ساڳيو ٻين سرن واري طالب جو رنگ ظاهر ٿئي ٿو. ۽ مومل راڻي جي ڳولا ۾ آخر تائين رهي ٿي، اها ڪيس سندس خطا جي ڪري سزا هئي جو مطلوب مان (يعني پنهنجي سونهن ۽ خوبصورتيءَ جي لاءِ طلب جيڪا ٻين کي هئي بدلجي) طالب ٿي پئي (يعني پاڻ سونهن جي طالب ٿي پئي) ٻين لفظن ۾ مطلوب کان به خطا ٿئي ٿي، ۽ جڏهن هو فنايت اختيار ڪري ٿو ته پوءِ مطلوب وري اچي هن سان ملي ٿو ڇو ته انهي وقت مطلوب کي يقين هوندو آهي ته هاڻ منهنجو طالب مون کان جدا نه ٿيندو. اهڙي فنايت کان پوءِ طالب مطلوب هڪ ٿيو وڃن جيئن راڻو مومل سان، ميهار سهڻي سان، چنيسر ليلا سان وغيره.

انهي لاءِ شاهه سالڪ کي نصيحت ٿو ڪري ته هڪ دفعو الله ڏي نظر ڪرڻ کان پوءِ ٻي ڏانهن نه نهار ڇو ته اُئين ڪندي ته الله رسي ويندءَ، جيئن چوي ٿو ته:

اکيون سيئي ڏار، جن سان پسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، گهڻو ريسارو سڄڻ.

۽ اها غفلت ۽ ڪوتاهي سالڪ لاءِ حيراني ۽ پريشانيءَ جو سبب بڻجي وڃي ٿي، جيئن مومل ۽ ليلا جي غفلت ۽ ڪوتاهي هنن لاءِ فراق جو سبب بڻي ۽ راڻي ۽ چنيسر کي ايسين اعتبار نه آيو جيسين هنن فنايت نه حاصل ڪئي، جيئن شاهه چيو آهي ته:

مري جي ته ماڻين جانب جو جمال،

ڇو ته حق جڏهن به ڪنهن سالڪ کي پنهنجو مطلوب بڻائي ٿو ته پوءِ سندس سڀ وسيلا بند ڪري کيس پنهنجو بڻائي ٿو جيئن شاهه چوي ٿو:

اکين ۾ ٿي ويهه، ته آءٌ واري ڏيکيان.

۽ اها هي سندس مرضي هوندي آهي ته ساڻس محبت ڪندڙ هميشه سندس محبت ۾ ئي محو هجي، پر جيڪڏهن هن کان ڪنهن قسم جي غفلت يا خطا ٿئي ٿي ته اها هن کان برداشت نٿي ٿئي ۽ هو پنهنجي مطلوب کي دل تان لاهيو ڇڏي ۽ پوءِ سالڪ کي وري وصال نٿو ملي جيستائين هن جا سڀ شرڪ گمان ختم نٿا ٿين ۽ هي فنايت حاصل نٿو ڪري، جيئن شاهه چوي ٿو ته:

ڪين ساڱا هيئڙم، سڄڻ! جاڙون ڪيم جال،
سودا مڱڪي ڪالهه موٽي مُنهن ۾ آئيون.

(سر مومل راڻو)

---

وڌيڪ چوي ٿو ته:

ڊولي ڏيکي آهيان هيئڙس اگهاڙي،
ڏيئي لک لاڙي، ڪکر ڪيائيم ڪاڪ جو.

(سر مومل راڻو)

سر ڪاموڏ ۾ جيڪا طالب جي حق لاءِ طلب آهي اها اُئين

